# توبهه جا

## ديني ۽ دنياوي فائدا

**24-December-2020**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

24 ڊسمبر 2020 تي دعوت اسلامي جي هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيندڙ بيان

# توبھ جا ديني ۽ دنياوي فائدا

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ!

- ❖ حضرت سيدنا اما حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ حصول اولاد جو بهترين وظيفو ڏنو
- ❖ حضرت خواجہ حسن بصري رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ مختلف حاجتن تي استغفار جو فرمايو
- ❖ ڪثرتِ استغفار جي فضيلت
- ❖ آخري نبي محمد عربي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪي نبي التوبہ ڇو چيو وڃي ٿو؟
- ❖ نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي استغفار ڪرڻ جي حڪمت

پيشڪش

اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ (دعوت اسلامي)

ترجمو

ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# توبهہ جا ديني ۽ دنياوي فائدا

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعالىٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجهہ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## درود پاڪ جي فضيلت

**حضرت سيدنا اُبَيِّ بن ڪعْب** رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ **عرض ڪيو: ”يا رَسُوْلَ الله** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان تہ اوهان تي ڪثرت سان درود شريف پڙهندو آهيان، اوهان ٻڌايو تہ روزانو دُرُود پڙهڻ جي لاءِ ڪيترو وقت مُقرَّر ڪيان؟ تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جيترو چاهيو مقرر ڪيو.“ **حضرتِ سَيدُنا اُبَيِّ بن ڪعْب** رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ عرض ڪيو: ”ڏينهن رات جو چوٿائي حصو درود پڙهڻ لاءِ مقرر ڪيان؟“ تہ

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَاشِئْتَ فَاِنْ زِدْتَ فَهُوَ خَيْرٌ لَّكَ ”يعني جيترو چاهيو مقرر ڪيو، پر جيڪڏهن چوٿائي ڪان وڌيڪ حصو مقرر ڪندؤ تہ توهان جي لاءِ بهتر ئي هوندو.“ حضرتِ سَيدُنا اُبَيِّ بن ڪَعْب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو: ”مان ڏينهن رات جو نِصف حصو مقرر ڪيان؟“ تہ حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَا شِئْتَ فَاِنْ زِدْتَ فَهُوَ خَيْرٌ لَكَ يعني توهان جيترو چاهيو مقرر ڪيو، پر جيڪڏهن هن ڪان وڌيڪ مقرر ڪندؤ تہ توهان جي لاءِ بهتر ئي هوندو.“ حضرتِ سَيدُنا اُبَيِّ بن ڪَعْب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو: مان ڏينهن رات جو ٻہ ٽهائي حصو مقرر ڪيان؟ تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَا شِئْتَ فَاِنْ زِدْتَ فَهُوَ خَيْرٌ لَكَ يعني توهان جيترو چاهيو مقرر‌ڪيو جيڪڏهن توهان هن ڪان وڌيڪ وقت مقرر ڪندؤ تہ توهان جي لاءِ بهتر ئي هوندو“ حضرتِ سَيدُنا اُبَيِّ بن ڪَعْب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو: اَجْعَلُ لَكَ صَلَاتِيْ كُلَّهَا ”مان رات ڏينهن سمورو وَقت اوهان تي دُرودِ پاڪ پڙهندو رهندس.“ تنهن تي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِذًا تُكْفٰى هَمَّكَ وَيُغْفَرُ لَكَ ذَنْبُكَ ”جيڪڏهن تون ائين ڪندين تہ دورد شريف تنهنجي تمام فڪرن ۽ غمن کي دور ڪرڻ جي لاءِ ڪافي ٿي ويندو ۽ تنهنجي تمام گناهن جي لاءِ ڪفارو ٿي ويندو.“ (ترمذی،کتاب صفة القيامة،باب۲۳، ۲۰۷/۴،حديث:۲۴۶۵)

ذاتِ والا پہ بار بار درود بار بار اور بے شمار دُرُود
سر سے پا تک کروڑ بار سلام اور سراپا پہ بے شمار دُرُود
بے عدد اور بے عدد تسلیم بے شمار اور بے شمار دُرُود
بیٹھتے اٹھتے جاگتے سوتے ہو الٰہی مِرا شعار دُرُود

(ذوقِ نعت ،ص۸۶-۸۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" **يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.** (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اڄ جي بيان جو موضوع آهي "توبهہ جا ديني ۽ دنياوي فائدا" جنهن ۾ اسان حضرت سيدُنا **امام حسن مجتبي** رَضِيَ اللهُ عَنْهُ **حصولِ اولاد جي لاءِ استغفار جو وظيفو ڏنو**، حضرت سيدُنا **خواجہ حسن بصري** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **مختلف حاجتن تي استغفارڪرڻ جو فرمايو**، پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي استغفار ڪرڻ جون حڪمتون**، ڪثرتِ استغفار جي فضيلت، آخري نبي **محمد عربي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي نَبِيُّ التَّوبه ڇو چيو ويندو آهي؟ ۽ ان کان علاوه توبہ جي متعلق ڪيئي مفيد معلومات ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. پورو بيان توجهہ سان ٻڌڻ جي درخواست آهي. الله پاڪ اسان ڪي به گناهن کان سچي پڪي توبہ ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي، اي ڪاش! جو اهڙي توبہ نصيب ٿئي جو وري ڪڏهن به

اسان جي ذهن ۽ دماغ ۾ گناهه جو خيال به نه اچي. اي ڪاش! جو اهڙي توبه نصيب ٿئي جو وري ڪڏهن به ڪنهن جي باري ۾ اسان کان غيبت، چغلي ۽ بدگماني نه ٿئي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اچو سڀ کان پهريان مولىٰ **مشڪل ڪشا** كَرَّمَ اللّٰهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم جي پٽ، **خاتونِ جنت جي لختِ جگر، نبين جي نبي، محمد عربي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي** نواسي حضرت سيدُنا امام حسنِ مجتبىٰ جي هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌون ٿا:

## حضرت سيدُنا امام حسن مجتبي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ۽ توبه و استغفار

حضرت سيدُنا امام حسن مجتبي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ **هڪ** ڀيرو امير معاويه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ وٽ تشريف وٺي ويا ته پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جن کي حضرت امير معاويه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي هڪ ملازم عرض ڪيو ته مون وٽ مال و دولت ته آهي پر اولاد جي نعمت کان محروم آهيان، مون کي ڪا اهڙي شيءِ ٻڌايو، جنهن سان الله پاڪ مون کي اولاد ڏئي. پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو: اِسْتِغْفَار پڙهندا ڪيو. ان استغفار جي ايتري ته ڪثرت ڪئي جو روزانو ست سئو (700) ڀيرا استغفار پڙهڻ لڳو. ان جي برڪت سان ان شخص کي ڏهه پٽ ٿيا، جڏهن ان ڳالهه جي خبر امير مُعاويه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کي پئي ته انهن ان شخص کي فرمايو ته تو حضرتِ امام حسن رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان هيءُ ڇو نه پڇيو ته هيءُ عمل اوهان ڪٿان فرمايو. ٻئي ڀيري جڏهن ان شخص جي حضرت امام حسن مجتبي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ سان ملاقات ٿي ته ان اهو پڇيو. حضرت امام حسن رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو ته اوهان حضرت هود عَلَيْهِ السَّلَام جو قول ناهي ٻڌو ته انهن فرمايو يَزِدْكُمْ قُوَّةً اِلٰى قُوَّتِكُمْ (**تَرجمو ڪنزالايمان:** ۽ توهان ۾ جيتري طاقت آهي ان کان اجان وڌيڪ ڏيندو) ۽ حضرت نوح عَلَيْهِ السَّلَام جو هي ارشاد ناهي ٻڌو: يُمْدِدْكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّ بَنِيْنَ (**تَرجمو ڪنزالايمان:** مال ۽ پٽن سان توهان جي مدد ڪندو)

يعني رزق جي ڪثرت ۽ حصولِ اولاد جي لاءِ استغفار جو بڪثرت پڙهڻ قرآني عمل آهي.

حَسَنِ مجتبٰی سَیِّدُ الْاَسْخِیا راکبِ دُوشِ عزّت پہ لاکھوں سلام

(حدائقِ بخشش :ص309)

**شعر جي مختصر وضاحت:** آقا ڪريم جي ڪلهن جو سُوار، جگر گوشہِ بتول، سَيّدُالاسخياء، ابنِ علي شيرِخدا، **حضرت حسن مجتبي** رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ **سراپا عزت و عظمت** (رسولِ خدا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) **جي مبارڪ ڪلهن تي سواري ڪرڻ واري تي** بہ لکين سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت امام حسن بصري ۽ استغفار جو وظيفو

منقول آهي تہ حضرت خواجہ حسن بصري رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ وٽ هڪ شخص آيو ۽ ان بارش جي گهٽتائيءَ جي شڪايت ڪئي، پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ان کي استغفار ڪرڻ جو حڪم ڏنو، ٻيو شخص آيو ۽ ان تنگ دستي جي شڪايت ڪئي تہ ان کي بہ اهو ئي حڪم فرمايو، پوءِ ٽيون شخص آيو ۽ اُن نسل گهٽ ٿيڻ جي شڪايت ڪئي تہ ان کي بہ اهو ئي فرمايو، پوءِ چوٿون شخص آيو ۽ ان پنهنجي زمين جي پيداوار گهٽ ٿيڻ جي شڪايت ڪئي تہ ان کي اهو ئي فرمايو. حضرت ربيع بن صبيح رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ اُتي حاضر هئا، عرض ڪرڻ لڳا: اوهان وٽ ڪجهہ ماڻهو آيا انهن طرح طرح جون حاجتون پيش ڪيون، اوهان سڀني کي هڪ ئي جواب ڏنو تہ اِستِغفار ڪريو ان جو ڇا سبب آهي؟ تہ پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہ عَلَیْہ ان جي سامهون هي آيتون پڙهيون:

اِسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ط اِنَّهٗ كَانَ غَفَّارًا ۙ (١٠) يُّرْسِلِ السَّمَآءَ عَلَيْكُمْ مِّدْرَارًا ۙ (١١)
وَّ يُمْدِدْكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّ بَنِيْنَ وَ يَجْعَلْ لَّكُمْ جَنّٰتٍ وَّ يَجْعَلْ لَّكُمْ اَنْهٰرًا

**تَرْجمو ڪنزالايمان**: پنهنجي رب کان مُعافي گهرو اهو تمام گهڻو معاف فرمائيندڙ آهي توهان تي وڏڦڙي ۽ تِکي بارش موڪليندو ۽ مال ۽ پٽن سان توهان جي مدد ڪندو ۽ توهان جي واسطي باغ بنائي ڇڏيندو ۽ توهان جي واسطي نهرون بنائيندو. (خازن، نوح، تحت الآية: ١٠-١١، ۴ / ٣١٢، تفسير ثعلبى، نوح، تحت الآية: ١٢، ١٠ / ۴۴)

**حضرت خواجہ امام حسنِ بصري** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه **جيڪي آيتون تلاوت ڪيون، انهن جو ترجمو بہ اوهان ٻڌو اچو! هاڻي هنن آيتن جي تفسير صراط الجنان مان ٻڌون ٿا:**

**تفسيرِ صراط الجنان ۾ هنن آيتن جي تفسير ڪجهه هن طرح آهي تہ: جڏهن قومِ عاد حضرت هود** عَلَيۡهِ السَّلَام **جي دعوت قبول نہ ڪئي تہ الله پاڪ انهن جي ڪفر سبب تي** (3) **سال تائين بارش روڪي ڇڏي ۽ نهايت سخت ڏُڪار ظاهر ٿيو ۽ اُن جي عورتن کي سُنڍ ڪري ڇڏيو، جڏهن اهي ماڻهو گهڻو پريشان ٿيا تہ حضرت هود** عَلَيۡهِ السَّلَام **واعدو ورتو تہ جيڪڏهن اهي الله پاڪ تي ايمان آڻن ۽ اُن جي رسول جي تصديق ڪن ۽ ان جي حضور توبهہ و استغفار ڪن تہ الله پاڪ بارش موڪليندو ۽ انهن جي زمينن کي سرسبز و شاداب ڪري تروتازه زندگي عطا فرمائيندو ۽ قوت ۽ اولاد ڏيندو.**

**اي عاشقانِ صحابہ و اولياء! ڏٺو اوهان تہ حضرت سيّدنا امام حسن مجتبي** رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ **قرآن ڪريم جي باري ۾ ڪهڙي نہ زبردست سمجهہ رکندا هئا. ڪيڏي نہ مهارت هئي، علومِ قرآن تي ڪهڙي نہ نظر هئي؟ ماڻهن جو مختلف معاملن ۾ سندن ڏانهن رجوع ڪرڻ ۽ فيض وٺڻ جي لاءِ پاڻ** رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ **جي خدمت ۾ حاضري ڏيڻ جو ڪهڙو نہ معمول هو؟ انهيءَ طرح حضرت خواجہ امام حسن بصري** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه **جي بہ قرآنِ ڪريم تي ڪهڙي نہ نظر هئي؟ پاڻ** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه **کي قرآنِ ڪريم ۾ ڪهڙي نہ مهارت هئي. ان مان اها بہ خبر پوي ٿي تہ جيڪڏهن اسان کي بہ**

مسائل ۽ پريشانيون درپيش اچن تہ پنهنجي پير و مرشد جي بارگاهہ ۾ حاضري ڏيون، الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن کان دُعا ڪرايون، عاشق رسول مسجد جي امام کان دعا ڪرايون.

## اِستغفار ڪرڻ جا فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو! توبہ اهڙو عمل آهي جنهن جي ڪرڻ جو حڪم الله پاڪ قرآنِ ڪريم جي سيپاري5، سورة نساء جي آيت 106 ۾ ارشاد فرمايو:

وَّاسْتَغْفِرِاللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۱۰۶﴾

**تَرْجمو ڪنزالايمان**: ۽ الله کان معافي گهرو بيشڪ الله بخشڻهار ۽ مهربان آهي.

قرآن و حديث ۾ استغفار ڪرڻ جا ڪيئي فضائل موجود آهن، اچو! توبہ جي فضائل و فوائد تي مشتمل ڪجھ قرآني آيتون ۽ حديثون ٻڌون ٿا: جيئن تہ سيپاري 19 سورة فرقان جي آيت نمبر 70 ۾ ارشادِ باري تعاليٰ آهي:

اِلَّا مَنْ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا فَاُولٰٓئِكَ

يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِهِمْ حَسَنٰتٍ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۷۰﴾

**تَرْجمو ڪنزالايمان**: مگر جيڪو توبہ ڪري ۽ ايمان آڻي ۽ چڱا ڪم ڪري پوءِ اهڙن جي برائين کي الله چڱاين سان بدلي ڇڏيندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سبحان الله! توبہ ڪرڻ وارو ڪيترو نہ خوشنصيب آهي ان جي برائين کي رڳو معاف ئي نہ بلڪ نيڪين ۾ تبديل بہ ڪيو ويندو آهي. ۽ اسان تي اسان جي مائرن کان وڌيڪ رحمت ڪرڻ وارو اسان جو خالق و مالڪ توبہ ڪرڻ تي اسان کي پنهنجي محبت سان بہ نوازيندو آهي جيئن تہ سيپاري 2 سورة بقره جي آيت نمبر 222 ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ

**تَرْجمو ڪنزالايمان**: بيشڪ الله گھڻي توبہ ڪندڙن سان محبت ڪندو آھي

۽ توبہ ڪرڻ وارن کي ھڪ انعام اھو بہ عطا ڪندو آھي تہ ان کان عذاب دور ڪري ڇڏيندو آھي جيئن سيپاري 9، سورة انفال جي آيت نمبر 33 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَمَا كَانَ اللّٰهُ مُعَذِّبَهُمْ وَهُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ

**تَرْجمو ڪنزالايمان**: ۽ نہ ئي الله انھن کي عذاب ڏيڻ وارو آھي جيسيتائين جو اھي بخشش گھرندا ھجن.

**علامه علي بن محمد خازن** رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه **فرمائن ٿا ھن آيت مان ثابت ٿيو تہ استغفار عذاب کان امن** ۾ رھڻ جو ذريعو آھي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دلين جي ڪٽ جي صفائي

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ٻڌو اوھان تہ اسان جي رحيم و ڪريم پروردگار کي اسان جي توبہ ڪرڻ ڪيتري قدر پسند آھي ۽ اھو توبہ ڪرڻ تي ڪيترين نہ رحمتون فرمائيندو آھي جو اھو گناھن کي نيڪين ۾ بہ تبديل ڪري ڇڏيندو آھي ۽ استغفار ڪرڻ واري کي پسند فرمائيندي ان کان عذاب کي بہ دور رکندو آھي. **اچو! ان جي پياري حبيب** صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي زباني توبہ جا ڪجھ فضائل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا جيئن تہ حضرتِ سَيِّدُنا انس** رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ **کان روايت آھي تہ محبوبِ ربُّ العٰلمين، جنابِ صادق و امين** صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمانِ دلنشين** آھي: بيشڪ لوھ وانگر دلين کي بہ ڪٽ لڳي ويندي آھي ۽ ان جي صفائي اِسۡتِغۡفار ڪرڻ آھي. (مَجْمَعُ الزَّوَائِد ج١٠ ص٣٤٦ حديث١٧٥٧٥)

## پريشانين ۽ تنگين کان نجات

حضرتِ سَيِدُنا عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنۡهُمَا کان روايت آهي تہ محبوبِ ربّ ذوالجلال، پيڪرِ حُسن و جمال صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي: جنهن استغفار کي پنهنجي مٿان لازم ڪري ورتو الله پاڪ ان جي هر پريشاني دور فرمائيندو ۽ هر تنگي کان ان کي راحت عطا فرمائيندو ۽ ان کي اهڙي جڳهہ کان رزق عطا فرمائيندو جتان کان ان کي گمان بہ نہ هوندو. (سُنَن ابن ماجہ ج۴ ص۲۵۷ حديث۳۸۱۹) پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ئي فرمان آهي تہ جيڪو هن ڳالهہ کي پسند ڪري ٿو تہ ان جا اعمالنامہ ان کي خوش ڪن تہ ان کي گهرجي تہ ان ۾ استغفار جو اضافو ڪري. (مَجْمَعُ الزَّوَائِد ج۱۰ ص۳۴۷حديث۱۷۵۷۹) ۽ هڪ مقام تي پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خوشخبري ڏيندي ارشاد فرمايو تہ خوشخبري آهي ان جي لاءِ جيڪو پنهنجي اعمالنامي ۾ استغفار کي ڪثرت سان موجود ڏسي. (سُنَن ابن ماجہ ج۴ ص۲۵۷حديث۳۸۱۸)

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو اوهان تہ استغفار جي برڪت سان دلين جي زنگ جي صفائي ٿيندي آهي، استغفار جي برڪت سان پريشانين ۽ تنگين کان نجات ملندي آهي، استغفار جي برڪت سان ٻانهي کي اعمالنامو خوش ڪري ڇڏيندو، ڪثرت سان استغفار ڪرڻ واري جي لاءِ خوشخبري آهي، تنهنڪري جلدي ڪريو ۽ ربّ ڪريم جي حضور سچي توبہ ڪري اچڻ واري زندگي کي الله پاڪ ۽ ان جي حبيب صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوشنودي جي لاءِ سنت تي عمل ڪندي گذاريو الله پاڪ اسان کي سچي پڪي توبہ جي توفيق نصيب فرمائي.

## استغفار جو ڇا مطلب آهي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان توبہ ڪرڻ جا ڪجهہ فضائل ٻڌا! هاڻي اچو! اهو بہ ڄاڻون ٿا تہ استغفار يا توبہ ڇئجي ڇاکي ٿو؟ استغفار جو مطلب ڇا آهي الله پاڪ کان پنهنجي گناهن سبب شرمنده ٿيندي ۽ آئندي گناهہ نہ ڪرڻ جو پڪو

اِرادو ڪندي بخشش جي دعا ڪرڻ، پنهنجي گناهن جي بخشش چاهڻ، توبہ ڪرڻ وغيره.

سيّدي اعليٰ حضرت گناهن کان توبہ ڪرڻ جي مطلب کي بيان ڪندي فرمائن ٿا: ياد رکو تہ ٿڌا ساهہ ڀرڻ ..... يا ...... پنهنجي ڇهري تي چماٽ هڻڻ ........ يا ..... پنهنجي نڪ ۽ ڪنن کي هٿ لڳائڻ ..... يا ..... پنهنجي زبان ڏندن سان دٻائڻ ............ يا مٿو هِلائيندي "توبهہ، توبهہ، توبهہ" جي لفظن جي دهرائي ڪرڻ جو نالو توبہ ناهي بلڪ سچي توبہ مان مراد هي آهي تہ ٻانهو ڪنهن گناهہ کي الله پاڪ جي نافرماني ڄاڻي ان تي شرمنده ٿيندي خالق حقيقي سان مُعافي طلب ڪري ۽ آئنده جي لاءِ ان گناهہ کان بچڻ جو پڪو اِرادو ڪندي ان گناهہ کي نہ ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪري، يعني نماز قضا ڪئي هئي تہ هاڻي ادا بہ ڪري، چوري ڪئي هئي يا رشوت ورتي هئي تہ، توبہ ڪانپوءِ اهو مال اصل مالڪ يا ان جي ورثاء کي واپس ڪري يا ان کان مُعاف ڪرائي ۽ اصل مالڪ يا ورثاء جي نہ ملڻ جي صورت ۾ اصل مالڪ جي طرفان راهِ خدا ۾ صدقو ڪري. (ماخوذ ازفتاوىٰ رضويہ، جلد ١٠، نصف اول ،ص٩٧ )

## استغفار ڪهڙي طرح ڪجي؟

اي عاشقانِ رسول! ڪنهن گناهہ کان توبہ ڪرڻ فقط استغفار جو نالو ناهي بلڪ جيڪڏهن ان گناهہ جو تعلق الله جي ٻانهن جي حقوق سان آهي تہ اسان کي ان حق جو ازالو بہ ڪرڻو پوندو جيئن سيّدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حڪمِ شرع بيان فرمايو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن جو ناحق مال دٻايو آهي تہ ان کي ڏيڻو بہ پوندو علماءِ ڪرام بيان فرمايو آهي تہ حقوق ٽي قسم جا هوندا آهن جن مان ہِ حق الله جي ذات جي متعلق آهن هڪ اهو حق جو جنهن کي الله پاڪ معاف نہ فرمائيندو اهو آهي ان جي ذات سان ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ ۽ ٻيو حق اهو آهي جنهن کي الله پاڪ ٻانهي جي استغفار ڪرڻ تي مُعاف فرمائي ڇڏيندو ۽ ٽيون حق حقوق العباد آهي جيڪو ٻانهن جي معاف ڪرڻ

سان ئي معاف ٿيندو ايسيتائين جو قيامت جي ڏينهن به جنهن جو حق هوندو الله پاڪ انهيءَ کان معاف ڪرائيندو.

**اي عاشقانِ رسول!** يقيناً حقوق العباد جو معاملو نهايت سخت آهي تنهنڪري ان کان پنهنجي پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪيو، جيڪڏهن ڪنهن جو ڪوئي حق تلف ڪيو آهي ته ان کي فوري طور ادا ڪيو ۽ ربّ ڪريم جي حضور معافي به گهرو جو توبه قبول فرمائيندو آهي، الله پاڪ اسان کي حقوق العبادت جو خيال رکڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين

ہمیشہ ہاتھ بھلائی کے واسطے اٹھیں　　بچانا ظلم و ستم سے مجھے سدا یارب
رہیں بھلائی کی راہوں میں گامزن ہر دم　　کریں نہ رُخ مرے پاؤں گناہ کا یارب

**مختصر وضاحت:** يعني اي الله منهنجا هٿ هميشه فائدي ۽ ڀلائي جي لاءِ ئي اٿن هنن هٿن سان ڪنهن تي ظلم و زيادتي نه ٿئي. ۽ منهنجا پير به ڀلائي جي ڪمن ڏانهن هلن انهن پيرن سان ڪنهن کي تڪليف نه ٿئي نه ڪنهن گناهه واري جاءِ تي وڃن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعا جو بهترين وقت

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان توبه جا فضائل ۽ طريقا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي پر ياد رکو الله پاڪ پنهنجي ٻانهن جي لاءِ ڪجھ رحمت ڀريا وقت به مقرر رکيا آهن جو جن ۾ خاص ڪرم ڪيو ويندو آهي ۽ هر گهرڻ وارو چاهي ڪجھ به گهري ان کي محروم ناهي ڪيو ويندو. انهن وقتن مان عمده ترين ۽ رحمت ۽ برڪت وارو وقت رات جو آخري پهر آهي. رات جي آخري پهر ۾ گريه و زاري ڪرڻ وارن جي مدح ۾ سيپاري 26، سورة الذّٰريٰت جي آيت نمبر17، 18 ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

كَانُوۡا قَلِيۡلًا مِّنَ الَّيۡلِ مَا يَهۡجَعُوۡنَ ﴿۱۷﴾ وَ بِالۡاَسۡحَارِ هُمۡ يَسۡتَغۡفِرُوۡنَ ﴿۱۸﴾

**تَرۡجموڪنزالايمان**: اهي رات ۾ ٿورو سمهندا هئا ۽ پوئين رات بخشش گهرندا هئا

**تفسيرِ صراط الجنان جو خلاصو هي آهي:** پرهيزگار ماڻهن جو نيڪ اعمال ڪرڻ ۾ حال اهو هوندو هو جو اهي رات تهجّد ۽ شبِ بيداري ۾ گذاريندا هئا ۽ رات ۾ جيڪڏهن ٿوري دير سمهي پوندا هئا تہ ايترو سمهڻ کي بہ پنهنجو قصور سمجهندا هئا ۽ رات تهجد ۽ شبّ بيداري ۾ گذارڻ جي باوجود بہ اهي پاڻ کي گنهگار سمجهندا هئا ۽ رات جو پويون پَهر الله تعاليٰ کان مغفرت طلب ڪرڻ ۾ گذاريندا هئا. (مدارک، الذّاريات، تحت الآية:۱۷-۱۸ ، ص۱۱۶۷، جلالين مع جمل، الذّاريات، تحت الآية:۱۷-۱۸ ، ۷ / ۲۷۹، ملتقطاً)

رات جو آخري حصو الله تعاليٰ کان مغفرت طلب ڪرڻ ۽ دعا جي لاءِ گهڻو مفيد آهي. هتي هن جي متعلق هڪ حديث پاڪ بہ ملاحظہ ڪيو. جيئن تہ

**حضرت ابوهريره** رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ **کان روايت آهي، نبي اڪرم** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ارشاد** فرمايو”اسان جو ربّ تعاليٰ هر رات ان وقت آسمانِ دنيا جي طرف رحمت جي نظر فرمائيندو آهي جڏهن رات جو ٽيون حصو باقي رهجي ويندو آهي تہ فرمائيندو آهي”ڪوئي اهڙو آهي جيڪو مون کان دعا ڪري تہ جيئن مان ان جي دعا قبول ڪريان، **ڪوئي اهڙو آهي جيڪو مون کان سوال ڪري تہ جيئن مان ان کي عطا ڪريان، ڪوئي اهڙو آهي جيڪو مون کان معافي گهري مان ان کي بخشي ڇڏيان.** ( بخاری ، کتاب التّهجّد ، باب الدّعاء والصّلاة من آخر اللّيل ، ۱ / ۳۸۸ ، الحديث: ۱۱۴۵)

مشهور مفسر مفتي **احمد يارخان** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **هن حديث جي شرح بيان فرمائي** جنهن جو خلاصو آهي: هن مان معلوم ٿيو، رات ڏينهن کان افضل آهي جو هر رات جي آخري پهر ۾ الله جي رحمت ۽ ڪرم توجهہ فرمائيندو آهي ۽ هي قبوليت جي هڪ گهڙي ناهي بلڪ ڪيئي ڪيئي گهڙين تي مشتمل آهي

جڏھن تہ ڏينھن ۾ قبوليت جي گھڙي ھفتي ۾ ھڪ ڏينھن يعني جمعي تي ايندي آھي ۽ اھا بہ اسان کان لڪل ھوندي آھي. اللہ پاڪ ان وقت گُھرڻ جي توفيق ڏئي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

**حضرت يعقوب** عَلَیْہِ السَّلَام پنھنجي پٽن جي لاءِ اللہ پاڪ کان معافي گھرڻ لاءِ بہ رات جي آخري پھر ئي جو انتخاب ڪيو جيئن تہ

قَالُوْا یٰۤاَبَانَا اسْتَغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَاۤ اِنَّا كُنَّا خٰطِـٕیْنَ(۹۷)

قَالَ سَوْفَ اَسْتَغْفِرُ لَكُمْ رَبِّیْؕ-اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِیْمُ(۹۸)

**تَرجمو ڪنزالايمان**: چيائون اي اسان جا بابا اسان جي گناھن جي معافي طلب ڪر بيشڪ اسان خطاوار آھيون. چيائين جلد مان توھان جي بخشش پنھنجي ربّ کان گھرندس بيشڪ اھو بخشڻھار مھربان آھي.

**مفسرين ڪرام** فرمائن ٿا تہ حضرت يعقوب عَلَیْہِ السَّلَام پنھنجي پٽن جي لاءِ دُعا ۽ مغفرت کي سحري جي وقت تائين مؤخر فرمايو ڇوتہ اھو وقت دعا جي لاءِ سڀ کان بھترين آھي ۽ اھو ئي وقت آھي جنھن ۾ اللہ تعاليٰ فرمائيندو آھي" آھي ڪو دعا گھرڻ وارو تہ مان ان جي دعا قبول ڪريان، جيئن تہ جڏھن سحري جو وقت ٿيو تہ حضرت يعقوب عَلَیْہِ السَّلَام نماز پڙھڻ ڪانپوءِ ھٿ کڻي اللہ پاڪ جي دربار ۾ پنھنجي صاحبزادن جي لاءِ دعا ڪئي، دعا قبول ٿي ۽ حضرت يعقوب عَلَیْہِ السَّلَام کي وحي ڪئي وئي تہ صاحبزادن جي خطا معاف ڪئي وئي آھي.

(تفسير صراط الجنان ،۵/۵۵تا۵۶ )

اي عاشقانِ رسول! اللہ پاڪ جا نيڪ ٻانھا ھر وقت نيڪين ۾ مصروف رھڻ جي باوجود پاڻ کي گنھگار تصوّر ڪندا ۽ ھميشہ اللہ پاڪ کان ڊڄندا رھندا ھئا، ايسيتائين جو خوفِ خدا سبب ڪيئي سڄي سڄي رات عبادت ڪندي پنھنجو

پاڻ کي ٿڪائي ڇڏيندا هئا تہ ڪيئي ڪنهن هڪ آيت جي تلاوت ڪندي ڪندي رات گذاري ڇڏيندا هئا تہ ڪيئي سڄي رات روئندي گذاري ڇڏيندا هئا تہ ڪيئي ساهہ ڏٽي حوالي ڪري ويهندا هئا. پر افسوس! اسان جي حالت اها آهي جو رات ڏينهن گناهن جي سمنڊ ۾ غرق رهڻ جي باوجود نہ شرمندگي جو احساس ۽ نہ ئي آخرت جو خوف آهي. الله پاڪ جا نيڪ ٻانها سڄي رات جاڳندا، ڪثرت سان روزا رکندا، ڪثير نيڪ اعمال بجا آڻيندا ها پر پوءِ بہ پاڻ کي ڪمتر سمجهندي خوفِ خدا سبب روئندا رهندا ها. ڪنهن شاعر الله وارن جي هن انداز کي ڪيترو نہ پياري انداز ۾ بيان ڪيو آهي.

راتیں زاری کر کر رَوندے، نیند اَکھیں دی دَھوندے

فجریں او گنہار کہاندے، سب تھیں نیویں ہَوندے

**مختصر وضاحت:** يعني اهي اهڙا نيڪ ٻانها آهن جن جون راتيون گريہ و زاري ڪندي گذرن ٿيون جنهن جي ڪري انهن جون ننڊون ڦٽي وينديون آهن ان جي باوجود جڏهن صبح ٿيندي آهي تہ ماڻهن جي سامهون پنهنجو پاڻ کي سڀ کان وڏيڪ گنهگار تصوُّر ڪندا آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## انوکي ندامت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حُجَّة الاسلام امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **مُڪاشفة القلوب** ۾ نقل ڪن ٿا، حضرت سيّدُنا شيخ ابو علي دَقّاق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ هڪ تمام وڏو وليُّ الله سخت بيمار ٿي پيو، مان ان جي عيادت ڪرڻ جي لاءِ حاضر ٿيس، آسپاس چاهيندڙن جو هجوم هو، اهو بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روئي رهيو هو، مون عرض ڪيو، اي شيخ! ڇا دنيا مان وڃڻ تي روئي رهيا آهيو؟ انهن فرمايو، نہ بلڪ نمازون قضا ٿيڻ تي روئي رهيو آهيان. مون عرض ڪيو،

حضور! اوهان جون نمازون ڪيئن قضا ٿيون؟ فرمايائون، مون جڏهن به سجدو ڪيو ته غفلت سان ۽ جڏهن سجدي مان مٿو ڪنيو ته غفلت سان ۽ هاڻي غفلت ئي ۾ موت سان ملڻ وارو آهيان، پوءِ هڪ ٿڌو ساهه ڀري 4 عربي اشعار پڙهيائين. جن جو ترجمو هيءُ آهي: (1) مون پاڻ کي حشر، قيامت ۽ قبر ۾ پيو رهڻ جي باري ۾ غور ڪيو. (2) ايتري عزت و رفعت کان پوءِ مان اڪيلو پيو هوندس ۽ پنهنجي جرم جي سبب گروي پيل هوندس ۽ خاڪ ئي منهنجو وڇاڻو هوندو (3) مون پنهنجي حساب جي طوالت ۽ نامهءِ اعمال ڏنو وڃڻ جي وقت جي رُسوائي جي باري ۾ به سوچيو. (4) پر اي مون کي پيدا ڪرڻ وارا ۽ مون کي پالڻ وارا مون کي توکان رحمت جي اميد آهي، تون ئي منهنجي خطائن کي بخشڻ وارو آهين.

مجھ خطا کار پر بھی عطا کر بے سبب بخش دے رَبِّ اکبر
مجھ کو دوزخ سے ڈر لگ رہا ہے یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے
نَزع میں ربِّ غفّار تجھ سے موت سے قبل بیمار تجھ سے
طالبِ جلوۂ مصطفٰے ہے یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے
قبر میں مجھ کو تنہا لِٹا کر چلدیئے ہائے سارے بَرادَر
دل اندھیرے میں گھبرا رہا ہے یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے
مَغفِرت کا ہوں تجھ سے سُوالی پھیرنا اپنے در سے نہ خالی
مجھ گنہگار کی اِلتجا ہے یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے

(وسائلِ بخشش ،ص135)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ستر (70) سال جا گناهه مُعاف

حضرتِ سيدنا معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي سند سان حضرت سيّدنا انس بن

مالڪ ۽ حضرت سيّدنا ابن عمر رَضِیَ اللهُ عَنۡهُمَا کان روايت ڪن ٿا تہ ”هڪ شخص سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ، باعثِ نزولِ سڪينہ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ سراپا رحمت و برڪت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: ”يارسول الله! ڪوئي اهڙو عمل ٻڌايو جيڪو مون کي جنت ۾ داخل ڪري.“ تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”**ڪاوڙ ڇڏي ڏي**“ ان عرض ڪيو: ”جيڪڏهن اهو نہ ٿئي سگهي تہ؟“ پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو:” روزانو عصر جي نماز کان پوءِ ستر (70) ڀيرا الله پاڪ کان مغفرت طلب ڪندو ڪر تہ اهو تنهنجي (70) سالن جا گناهہ بخشي ڇڏيندو.“ عرض ڪيو: جيڪڏهن منهنجا ستر (70) سال جا گناهہ نہ هجن تہ؟“ ارشاد فرمايو: ”پوءِ تنهنجي والده جي ستر (70) سال جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.“ وري عرض ڪيو: ”جيڪڏهن منهنجي ماءُ لاڏاڻو ڪري چڪي هجي ۽ ان تي بہ ستر(70) سال جا گناهہ نہ هجن تہ؟“ پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”تنهنجي قريبي رشتيدارن جي ستر(70) سال جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (تاريخِ بغداد، الرقم٧٧٨٥،ابوعلى المفلوج، ج١٤، ص٤٢٥۔حلية الاولياء، معروف الكرخى، الحديث١٢٧١٩، ج٨،ص)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب ! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**اي عاشقانِ رسول!** اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ ڪثرت سان استغفار ڪندا هئا ۽ اسان جي آقا صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ نالن ۾ هڪ نالو” نبيُّ التَّوبه (توبہ وارا نبي) بہ آهي، ان جي ڇا حڪمت آهي؟ اچو! هن جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌون ٿا:

## نبي ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نبيُّ التوبہ (توبہ وارا نبي) آهن

حضرت سيّدُنا حذيفہ رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي، مدينہ طيّبہ جي هڪ رستي ۾ حضور سيّدِ عالم مون کي مليا ارشاد فرمايو: اَنَامُحَمَّدٌ وَاَنَا اَحۡمَدُ وَاَنَا نَبِيُّ الرَّحۡمَةِ وَنَبِيُّ التَّوۡبَةِ مان محمد آهيان، مان احمد آهيان، مان رحمت وارو نبي آهيان، مان توبہ وارو نبي

آهيان. (شمائل الترمذی مع جامع الترمذی باب ماجاء فی اسماء رسول الله الخ نور محمد کارخانہ تجارت کتب کراچی ۲/ ۵۹۷)(مسند احمد بن حنبل، حديث حضرت حذيفہ بن يمان رضی الله عنہ، دارالفکربيروت، ۵/ ۴۰۵)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ مبارڪ نالو ”نبي التوبہ“ بہ آهي. امام اهلسنت سيّدي اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فتاويٰ رضويه ۾ هن مبارڪ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نالي نبيّ التوبہ جا مختلف سبب بيان فرمايا آهن، جن مان ڪجھ خلاصي طور پيش خدمت آهن:

حضور پرنور، بي چين دلين جي سُرور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نيڪي جي دعوت جي برڪت سان ڪثير مخلوق توبہ ڪئي، سندن جي برڪت سان مخلوق کي توبہ نصيب ٿئي، ۽ جيتري قدر سندن هٿ تي مخلوق توبہ ڪئي ڪنهن ٻئي نبي جي هٿ تي ايترن کي توبہ نصيب نہ ٿئي ان ڪري اسان جي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ”نبي التوبہ“(يعني توبہ وارا نبي) چيو وڃي ٿو.

پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪثير التوبہ، سندن امت سڀ امتن کان وڌيڪ توبہ ڪرڻ واري، ۽ سندن امت جي توبہ سڀني امتن کان وڌيڪ مقبول ۽ پاڻ توبہ ڪرڻ وارن جا نبي ان ڪري اسان جي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ”نبي التوبہ“ چيو وڃي ٿو.

پاڻ ڪريم ئي توبہ جو دروازو کولڻ وارا، پاڻ ئي توبہ قبول ڪرڻ وارا، پاڻ جي ئي امت جي آخري زماني ۾ توبہ جو دروازو بند ٿيندو انڪري اسان جي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ”نبي التوبہ“ چيو وڃي ٿو. (عمدة القاری ، کتاب الدعوات، باب اِسْتِغْفَار النبی فی اليوم والليلة،۴۱۳/۱۵ تحت الحديث: ۶۳۰۷)

گناهن کان سندن جي طرف توبہ ڪئي ويندي آهي ۽ پاڻ نبي التوبہ هيئن آهن جو ٻانهن کي حڪم آهي تہ سندن جي بارگاھ ۾ حاضر ٿي توبہ و استغفار ڪن. ان ڪري اسان جي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ”نبي التوبہ“ چيو وڃي ٿو.

توبہ نِباہ میں نہیں پاتا ہوں یا نبی! اب استقامت آپ شہا دیجئے حُضُور

**مختصر وضاحت**: يارسول الله مان گناهن کان توبہ ڪريان ٿو پر ان تي قائم نٿو رهي سگهان اوهان مون کي توبہ تي قائم رهڻ جي توفيق عطا فرمايو.

تھام لے دامن شاہ لولاک تو سچی توبہ سے ہو جائے گا پاک تو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اوهان ٻڌو تہ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪثرت سان استغفار ڪندا هئا، اچو هن متعلق وڌيڪ بہ ڪجهہ ٻڌون ٿا: جيئن تہ

**حضرت علامہ بدرالدين عيني** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **فرمائن ٿا: نبي ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **هميشہ بلند درجات جي طرف ترقي ڪندا رهندا آهن ۽ جڏهن پاڻ ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **هڪ حال کان ٻي حال جي طرف ترقي ڪندا هئا تہ پنهنجي پهرين حال تي استغفار ڪندا هئا.** (عمدة القارى ، كتاب الدعوات، باب اِسْتِغْفَار النبى فى اليوم والليلة،۴۱۳/۱۵ تحت الحديث: ۶۳۰۷)

**حضرت علامہ بدرالدين عيني** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **فرمايو: نبي ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **عاجزي ڪندي استغفار ڪندا هئا. پاڻ ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو استغفار فرمائڻ تعليمِ امت جي لاءِ آهي.** (عمدة القارى ، كتاب الدعوات، باب اِسْتِغْفَار النبى فى اليوم والليلة،۴۱۳/۱۵ تحت الحديث: ۶۳۰۷)

**اسان جا پيارا پيارا مرشد قبلہ سيّدي اميراهلسنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **بہ پنهنجي مريدن ۽ طالبن کي ڪثرت سان استغفار ڪرڻ جي ترغيب ڏياريندي شجره شريف ۾ فرمائن ٿا تہ ڏينهن يا رات ۾ ڪنهن بہ وقت روزانو 70 ڀيرا هي پڙهندا ڪريو:** اَسْتَغْفِرُاللهَ الْعَظِيْمَ وَاَتُوْبُ اِلَيْه. **اي ڪاش اسان استغفار سان گڏو گڏ شجره شريف جا تمام اوراد پڙهڻ وارا بڻجي وڃون.**

## نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي استغفار جي حڪمت

مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمديار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: توبہ و استغفار، نماز، روزي جي طرح عبادت آهي، انهيءَ ڪري حضُور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بڪثرت توبہ و استغفار ڪندا هئا. نہ تہ حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معصوم آهن، گناهہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ويجهو بہ ناهي ايندو، صوفياء ڪرام فرمائن ٿا تہ اسان ماڻهو گناهہ ڪري توبہ ڪريون ٿا ۽ اهي حضرات عبادت ڪري توبہ ڪندا آهن. (زاهد گناهہ جي ڪري توبہ ڪندا آهن ۽ عارف ماڻهو عبادت ڪري استغفار ڪندا آهن.) يا وري پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اهو عمل تعليمِ امّت جي لاءِ هو. (ملخصاً از مرأة المناجيح ،٣/ ٣٥٣)

مجھے سچی توبہ کی توفیق دیدے پئے تاجدارِ حرم یا الٰہی

(وسائلِ بخشش ،ص110)

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ جي هڪ مشهور ولي حضرت سيدنا مالڪ بن دينار جي سچي توبهہ جو واقعو ٻڌون ٿا، الله پاڪ ان جي صدقي اسان کي سچي توبهہ جي توفيق عطا فرمائي.

## حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي توبهہ

جيئن منقول آهي تہ حضرت سيدنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (توبهہ کان پهريان) نشي جا عادي هئا، سندن توبهہ جو هي سبب بڻيو جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڌيءُ کان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا، ان جو انتقال ٿيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه شعبان جي پندرهين رات خواب ڏٺو تہ سندن جي قبر مان تمام وڏو نانگ نڪري سندن ڏانهن وڌندو پيو اچي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن تيز هلڻ لڳندا هئا تہ هو بہ تيز ٿي ويندو هو، پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ڪمزور پوڙهي شخص وٽان لنگهيا تہ انهن کي چيائين: "مون کي هن نانگ کان بچايو" انهن جواب ڏنو. مان ڪمزور آهيان، رفتار تيز ڪيو شايد تيزيءَ سبب ان کان نجات ملي وڃي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

اجان گهڻو تيز هلڻ لڳا، نانگ پنيان ئي هو، ايستائين جو پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **باهہ جي** اڀرندڙ ڪڏن وٽان گذريا، قريب هو جو پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **ان ۾ ڪري پون ها،** ايتري ۾ هڪ آواز آيو "**تون منهنجو اهل ناهين**" پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **هلندا رهيا ايستائين جو** هڪ پهاڙ تي چڙهي ويا، ان تي شاميانہ لڳل هئا، اوچتو هڪ آواز آيو" هن نااميد کي دشمن جي چار ۾ ڦاسڻ کان پهريان ئي گهيري وٺو" تہ ڪيئي ٻارن ان کي گهيري ورتو جن ۾ سندن جي اها ڌيءُ بہ هئي، اها سندن وٽ آئي ۽ پنهنجو ساڄو هٿ ان نانگ کي هنيو تہ اهو ڀڄي ويو ۽ پوءِ اها سندن هنج ۾ ويهي ڪري هي آيت پڙهڻ لڳي:

اَلَمۡ يَاۡنِ لِلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَنۡ تَخۡشَعَ قُلُوۡبُهُمۡ لِذِكۡرِ اللّٰهِ وَمَا نَزَلَ مِنَ الۡحَقِّ

**ترجمو ڪنزالايمان**: ايمان وارن جي واسطي اجان اهو وقت نہ آيو جو انهن جون دليون جُهڪي وڃن الله جي ياد ۽ ان جي حق جي واسطي جيڪو لٿو.(پاره27سورة الحديد،آيت16)

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **فرمائن ٿا**: مون پنهنجي ڌيءُ کان پڇيو: ڇا اوهان فوت ٿيل قرآن بہ پڙهندا آهيو؟ ان جواب ڏنو: جي ها! اسان توهان زندهہ رهڻ وارن کان وڌيڪ معرفت رکندا آهيون. پوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **پنهنجي ڌيءُ کان هتي رهڻ جو مقصد** پڇيو تہ ان ٻڌايو: هي ٻار قيامت تائين هتي ويهي پنهنجي والدين جو انتظار ڪندا جن انهن کي اڳتي موڪليو آهي. پوءِ ان نانگ جي باري ۾ پڇيو تہ ان ٻڌايو."اهو تنهنجو برو عمل آهي" پوءِ ان پوڙهي شخص جي باري ۾ پڇيو تہ ان ٻڌايو. اهو تنهنجو نيڪ عمل آهي، اوهان ان پنهنجي عمل کي ايترو ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي جو ان ۾ اوهان جي بري عمل جو مقابلو ڪرڻ جي طاقت ناهي، تنهنڪري اوهان الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ توبهہ ڪريو ۽ هلاڪ ٿيڻ کان بچو. پوءِ اها بلنديءَ تي هلي وئي جڏهن پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بيدار ٿيا تہ انهيءَ وقت سچي توبهہ ڪري ورتائون. (روض الرياحين، ص19)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي ۾ اسان جي سکڻ جي لاءِ گهڻو ڪجهه آهي، ٿي سگهي ٿو تہ اسان کان بہ ڪيئي اهڙا واقعا ظاهر ٿي چڪا هجن جو جنهن کان پوءِ اسان کي شايد نئين زندگي ملي هجي، ڪڏهن ڪڏهن خواب ۾ بہ اهڙا اشارا ملندا آهن جو سمجهڻ واري جي لاءِ ان ۾ عبرت جو سامان هوندو آهي، پر اسان شايد ان کي بہ "هڪ خواب" يا "هڪ خيال" سمجهي نظر انداز ڪري ڇڏيندا هونداسين تہ هي ڪهڙو حقيقت ۾ آهي؟ ڪڏهن اهڙي طرح پنهنجي دل کي سمجهائيندا هونداسين تہ هن طرح جا خيال تہ ايندا رهندا آهن جو جنهن ۾ موت جو منظر ڏسڻ ۾ ايندو آهي، ۽ حقيقت ۾ ڪو نصيحت ڪرڻ وارو جڻ تہ اسان کي غفلت جي خواب مان جاڳائي رهيو هوندو آهي تہ هاڻي سنڀلجي وڃ. اهو ئي وقت آهي توبهہ ڪرڻ جو، اهو ئي وقت آهي گناهن کان جان ڇڏرائي الله پاڪ جي فرمانبرداري ۾ زندگي گذارڻ جو.

**اي ڪاش!** جو اسان اهڙن خاموش پيغامن کي سنجيده وٺندي حقيقي طور تي گناهن جي دلدل کان نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون، اچو! الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪريون ٿا:

ہماری بگڑی ہوئی عادتیں نکل جائیں    ملے گناہوں کے امراض سے شفا یا رب
رہیں بھلائی کی راہوں میں گامزن ہر دم    کریں نہ رُخ مِرے پاؤں گناہ کا یا رب

(وسائلِ بخشش مُرمم76)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!    صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! في زمانہ شيطاني وسوسن کان بچڻ، ايمان جي سلامتي، نيڪين تي استقامت ماڻڻ، سنتن جو پابند بڻجڻ، گناهن کان سچي نفرت ڪرڻ، ايمان جي حفاظت جو جذبو پنهنجي اندر بيدار ڪرڻ ۽ توبهہ تي ثابت قدمي ماڻڻ جي لاءِ نيڪ ماڻهن جي صحبت اختيار ڪرڻ نهايت ضروري

آهي، ڇو تہ نيڪ ماڻھن جي صحبت ۾ ويھڻ ڪان گناھن ڪان نفرت ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذھن بڻجندو آهي، في زمانہ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جو مدني ماحول ڪنھن نعمت ڪان گھٽ ناهي، تنھنڪري جيڪڏھن اوھان چاھيون ٿا تہ اسان نيڪ بڻجي ايمان جي حفاظت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون تہ اڄ ئي دعوت اسلامي جي مدني ماحول ڪان وابستہ ٿي اميراھلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي دامنِ ڪرم سان وابستہ ٿي وڃو ۽ سنتن جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ 12 مدني ڪمن ۾ وڌي ڪري حصو وٺو.

## 12 مدني ڪمن مان ھڪ مدني ڪم "مدني قافلہ"

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! 12 مدني ڪمن مان ھڪ مدني ڪم "مدني قافلہ" بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه مدني قافلن جي برڪت سان ماڻھن جي زندگين ۾ مدني انقلاب پيدا ٿي ويندو آهي. مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ سان نيڪ ماڻھن جي صحبت ميسر ايندي آهي. مدني قافلي جي برڪت سان مسجدن ۾ نفل اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت ملندي آهي. مدني قافلي جي برڪت سان بي نمازين کي نمازن جي اھميت معلوم ٿيندي آهي. مدني قافلي جي برڪت سان ڪيترا ئي ديني مسئلا سکڻ جي سعادت ملندي آهي. مدني قافلن جي برڪت سان مسجدن ۾ ذڪر و اذڪار، درس و بيانات جو سلسلو جاري رھندو آهي. مدني قافلي جي برڪت سان مسجدون آباد ٿينديون آھن.

الله پاڪ کي راضي ڪرڻ، علمِ دين حاصل ڪرڻ ۽ ثواب جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر ڪريو تہ جيئن ثواب بہ ملي، مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ ڪان ڪڏھن ضمنًا دنياوي فائدا بہ حاصل ٿي ويندا آھن. اچو بطور ترغيب مدني قافلي جي ھڪ مدني بھار ٻڌون ٿا، جيئن

## پراڻي مرض ڪان نجات ملي وئي

ڪراچي جي عَلائقي ناظِم آباد جي رھائشي ھڪ وڏي عمر جي اسلامي ڀاءُ مدني قافلي جي برڪتن جو تذڪرو ڪجھ ھن طرح ڪيو، مان تقريباً 19 سالن

ڪان ساهہ جي مَرَض ۾ مُبتَلا هيس. ڪڏهن ڪڏهن بيماري جي شِدَّت جي ڪري مونکي گهڻي تڪليف جو منهن ڏسڻو پوندو هو، ڪڏهن تہ آڌي رات جو طبيعت بگڙجي ويندي هئي تہ انهيءَ وَقت ڊاڪٽر (Doctor) وٽ وڃڻو پوندو هو. مطلب تہ مان تمام گهڻو پريشان رهندو هيس. عِلاج سان وقتي طور تہ آرام اچي ويندو هو پر مونکي مستقل سڪون ميسر نہ هو. منهنجي خوش قسمتي جو هڪ ڀيرو عاشقانِ رسول جي همراهہ ٽن (3) ڏينهن جي مَدَني قافِلي ۾ سفر جي سعادت حاصِل ٿي. مَدَني قافِلي جي بَرَڪت سان جتي اُنهن جا ڏينهن رات عبادتِ الٰهي ۾ گذريا، علمِ دين حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ اتي انهن کي ٻيون بَرڪتون بہ نصيب ٿيون. اَلْحَمْدُلِلّٰہ مَدَني قافلي جي دوران اُنهن ٽن ڏينهن ۾ نہ ئي انجيڪشن جي حاجت پيش آئي ۽ نہ ئي ڪنهن ڊاڪٽر وٽ وڃڻو پيو بلڪ اتي اهڙو اِطمينان ۽ سُڪون مليو جو ان کان پهريان ڪڏهن نہ مليو هو. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ مَدَني قافِلي جي بَرَڪت سان اُنهن جي 19سال پُراڻي مَرَض ۾ واضح ڪمي آئي.

دور بیماریاں اور پریشانیاں ہوں گی بس چل پڑیں، قافِلے میں چلو

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۶۷۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب ! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوت اسلامي جون مدني بهارون

اي عاشقانِ رسول! دعوت اسلامي جو مدني ماحول اهڙو پاڪيزه ۽ نيڪين وارو ماحول آهي جو جنهن جي برڪت سان لکين عاشقانِ رسول کي گناهن کان توبهہ جي سعادت ملي آهي. هن ڳالهہ جو اندازو لڳائڻ بہ مشڪل آهي جو ڪنهن ڪنهن کي دعوت اسلامي جو مدني ماحول ملڻ ۽ گناهن کان توبهہ ڪرڻ سان کهڙيون کهڙيون برڪتون حاصل ٿيون ۽ کهڙيون کهڙيون برڪتون حاصل ٿي رهيون آهن. اهڙيون ڪيتريون ئي مدني بهارون ۽ انقلاب جون مدني

خبرون. مڪتبة المدينہ کان جاري ٿيندڙ ڪتابن ۽ رسالن، مدني چينل جي پروگرامن ”مدني خبرن“ ۽ ماهوار رسالي فيضانِ مدينہ وغيره مان بہ معلوم ٿيندي رهنديون آهن.

گناهن کان توبهہ جي برڪت سان ڪنهن کي حج ۽ عمري جي سعادت حاصل ٿئي، گناهن کان توبهہ جي برڪت سان ڪنهن سنتون سکڻ سيکارڻ جي جذبي جي تحت الله پاڪ جي راهہ ۾ مدني قافلن ۾ سفر ڪيو، گناهن کان توبهہ جي برڪت سان ڪنهن کي مدني انعامات تي عمل جي سوغات ملي، گناهن کان توبهہ جي برڪت سان ڪنهن کي مختلف مدني ڪورس ڪرڻ جو موقعو مليو، گناهن کان توبهہ جي برڪت سان ڪنهن کي دعوت اسلامي جي مدني ڪمن جي تنظيمي ذميداري ملي، گناهن کان توبهہ جي برڪت سان ڪنهن کي امامت جو مصلو مليو، گناهن کان توبهہ جي برڪت سان ڪنهن کي تدريس جي مسند ملي، مطلب تہ اهڙا ڪيئي بيشمار واقعا آهن جو جن کي توبهہ جي برڪت سان حقيقي معنٰي ۾ دينِ اسلام جي سمجهداري نصيب ٿئي.

پيارا اسلامي ڀائرو! گناهن کان سچي توبهہ نصيب ٿيڻ بہ تمام وڏي سعادتمندي آهي، پر هڪ تعداد اهڙي بہ آهي جو توبهہ ڪرڻ کان بعد برن دوستن جي دوستين يا بري ماحول جي سبب ٻيهر گناهن ۾ وڃي پوندي آهي، اي ڪاش! جو دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان اسان جي وابستگي اهڙي مظبوط ٿئي وڃي جو گناهن کان توبهہ ڪرڻ بعد اسان ٻيهر گناهن ڀري ماحول کان بچيا رهون بلڪ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو اهڙو جذبو نصيب ٿئي وڃي جو اسان پاڻ بہ نيڪ اعمال ڪرڻ سان گڏو گڏ ٻين کي بہ گناهن کان بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

## ڪلم ايند دعا (Kalmah & Du'a) اَيپ تعارف

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه **عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي** هن جديد دور ۾ هر شعبي بلڪ هر طبقي جي ماڻهن ۾ نيڪي جي دعوت عام

ڪرڻ جي لاءِ جديد ذرائع اپنائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي جيئن ڪنهن نہ ڪنهن انداز سان امتِ مسلمہ تائين درست ديني معلومات پهچي سگهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! مجلس آئي ٽي (I.T) جي طرفان هڪ تمام ئي پياري موبائل ايپلي ڪيشن (Application) بنام ”ڪلمہ اينڊ دعا (Kalma & Du'a)“ جاري ڪئي وئي آهي. هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي نهايت آسان انداز ۾ ٻارن جي تربيت ڪري سگهجي ٿي. هن ايپلي ڪيشن ۾ ڇا آهي. اچو ٻڌو!

❖ 6 ڪلمہ آواز (Audio) جي صورت ۾ لفظ بہ لفظ ادائيگي ۽ ترجمي سان گڏ ❖ روزانہ جون 16 مختلف دعائون مثال طور ڀاڃي پيئڻ کان پهريان جي دعا، ماني کائڻ کان پهريان جي دعا، سمهڻ وقت جي دعا، کير پيئڻ جي دعا وغيره لفظ بہ لفظ ادائيگي ۽ ترجمي سان گڏ ❖ ٻارن جي تمام خوبصورت آواز ۽ منفرد انداز ۾ مختلف موضوعن تي سنتون ۽ آداب مثال طور سلام جون سنتون ۽ آداب، ڪاڌي جون سنتون ۽ آداب، پاڻي پيئڻ جون سنتون ۽ آداب وغيره. اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ هي ايپ انسٽال ڪري پنهنجي ٻارن جي اسلامي تربيت جو اهتمام ڪيو ۽ ٻين کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قناعت بابت ڪجهہ مدني گل ۽ قناعت اپنائڻ جا طريقا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! قناعت جي باري ۾ ڪجهہ مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا. پهريان 2 فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ملاحظہ ڪريو: (1) فرمايائون: قناعت ڪڏهن نہ خَتم ٿيڻ وارو خزانو آهي. (الزهد للبيهقي،الجزء الاول من كتاب...الخ،ص٨٨،حديث:١٠٤) (2) ارشاد فرمايائون: بيشڪ ڪامياب ٿي ويو اهو شخص جنهن اِسلام آندو ۽ ان کي بَقَدرِ ڪفايت رِزق ڏنو ويو ۽ اللّٰه پاڪ ان کي جيڪو ڪجهہ ڏنو ان تي قناعت بہ عطا فرمائي. (مسلم، كتاب الزكاة، باب في الكفاف والقناعة، ص٤٠٦، حديث:٢٤٢٦) ❖ انسان کي جيڪو ڪجهہ اللّٰه پاڪ جي طرفان ملي وڃي ان تي

راضي ٿي زندگي گذاريندي حرص ۽ لالچ کي ڇڏي ڏيڻ کي قناعت چوندا آهن. (جنتي زيور،ص١٣٦بتغير قليل) ❖ **روزمرّه اِستِعمال ٿيڻ وارين شين جي نہ هئڻ تي بہ راضي رهڻ قناعت آهي.** (التعريفات للجرجاني،باب القاف،تحت اللفظ: القناعة،ص١٢٦) ❖ **لالچ نهايت ئي بُري خَصْلَت ۽ نِهايت خراب عادت آهي،** الله پاڪ جي طرفان ٻانهي کي جيڪو رِزق ۽ نعمت ۽ مال ۽ دَولت يا جاه (يعني عزّت) ۽ مَرتَبو مليو آهي، ان تي راضي ٿي قناعت ڪرڻ گهرجي. (جنتي زيور،١١٠ملخصا) ❖ **بلعم بن باعوراء جيڪو تمام وڏو عالم ۽ مستجاب الدعوات هو، حرص ۽ لالچ ان کي دنيا ۽ آخرت ۾ تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو.** (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت، ص٣٦٧ ماخوذا) ❖ **الله پاڪ فرمائي ٿو:** اهو شخص منهنجي ويجهو سڀ کان وڏيڪ مالدار آهي جيڪو منهنجي ڏنل شيء تي سڀ کان وڏيڪ قناعت ڪرڻ وارو آهي. (ابنِ عساکر ،رقم ٧٧٤٠، موسيٰ بن عمران ،٦١/ ١٣٩ ملخصا)

❖ قناعت اپنائڻ لاءِ احاديث ۽ بزرگانِ دين جي اقوالن جو مطالعو ڪيو. ❖ الله پاڪ تي مضبوط يقين رکو ۽ هن ڳالهہ کي دل ۾ سمائي ڇڏيو تہ منهنجو سمورو حال الله پاڪ ڄاڻي ٿو. ❖ آخرت جي حساب کان پاڻ کي ڊيڄاريو ۽ پنهنجي تنگ حالت کي آخرت لاءِ بهتر بنائڻ جي ارادي سان صبر اختيار ڪيو. ❖ اهڙن ماڻهن جي صحبت اختيار ڪيو جيڪي قناعت پسند هجن ۽ هرحال ۾ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ وارا هجن. ❖ مال ۽ دولت جي حرص ختم ڪيو، هن لاءِ دنيا جي فنا ٿيڻ ۽ آخرت ۾ هميشه باقي رهڻ وارين نعمتن جي ملڻ کي ذهن ۾ رکو. ❖ الله پاڪ کان دعا بہ ڪيو تہ هرحال ۾ خوش رهڻ ۽ صبر ۽ شڪر ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت

جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَائِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ کِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

---

[1]…القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]…افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانية والخمسون، ص149

[3]…القول البديع، الباب الاول، ص125

**شافع امم** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.**[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

**حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس** رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا **کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.**(2)

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْمِ

**(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ **پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)**

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ**: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]... الترغيب والترهيب، ج ۲، ص ۳۲۹، حديث ۳۱

2... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305